ڊاڪٽر الهوسايو سومرو
ڊاڪٽر رقيہ عامر سومرو

# تنوير عباسيءَ جي شاعريءَ ۾ وطن دوستيءَ جو فلسفو

***Abstract:***

**The Philosophy of Patriotism in the Poetry of Tanveer Abbasi**

*Tanveer Abbasi is a famous poet of Sindhi Modern Poetry, born on December 07, 1934 at village Sobho Dero and died on November 25, 1999 at Islamabad and also he is buried at there. He is known as a great thinker, philosopher, poet, critic, prose writer and a lover of humankind. Basically he was a medical doctor by profession and he had a huge love and interest with Sindhi Literature. He encouraged the youngsters and spent his whole life in doing voluntarily common, welfare services for the Sindh and Sindhi People.*

*There are about 20 books in his credit. Besides the prose and poetry writer, he also possessed a great knowledge about the poetry of Shah Abdul Latif and wrote three books in this regard. He also worked and compiled the poetry of some well-known Sufi Sindhi poets.*

*His poetry is full with charm and interest. In this paper his poetry is analysed in the regard of Patriotism and love to his Motherland.*

**شاعري** ۽ شاعر ڪنهن قوم جي سڃاڻپ هوندا آهن، جنهن سان سندن ٻولي، قوم ۽ ديس جي سڃاڻ ٿيندي آهي. عالمي سطح تي، جيڪڏهن ڪنهن بہ ٻولي يا وطن جو ذڪر ڪيو ويندو آهي تہ ان ذڪر ۾ ان ديس جي ٻوليءَ جي شاعر بلڪ مشهور ۽ نالي واري شاعر جو ذڪر ضرور ٿيندو آهي ۽ ان جي شاعريءَ جو بہ تذڪرو بحث ۾ ايندو آهي.اهڙي طرح جڏهن ڪنهن بہ عالمي شاعر جو نالو ڪڇندو آهي تہ جلد ئي ان شاعر جي ٻولي ۽ ملڪ جا نالا ذهن تي تري ايندا آهن. مثال طور جڏهن وليم شيڪسپيئر جو نالو ڪڇي ٿو تہ ذهن تي انگريزي ٻولي ۽ انگليند جا نالا اچي ويندا. مولانا رومي يا مولانا جاميءَ جا نالا ڪڇندا تہ ذهن تي فارسيءَ جي ٻولي سامهون اچي ويندي. علامہ اقبال جو نالو ڪڇندو تہ اردو ۽ پاڪستان جي ياد تازه ٿي پوندي پر جيڪڏهن شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ جو نالو سامهون ايندو تہ قارئين جي دل ۽ دماغ تي سنڌي ٻولي ۽ سنڌ جا عڪس اچي ويندا.

مطلب تہ شاعر پنهنجي ٻولي ، ديس ۽ ادب جي سڃاڻ هوندا آهن. اهڙي طرح جي سڃاڻپ تنوير عباسيءَ کي بہ حاصل آهي، جنهن پنهنجي شاعري، تخليق ۽ تصنيف ذريعي سٺو نالو ڪمايو آهي.

تنوير عباسيءَ کي قدرت طرفان انيڪ خوبين ۽ صلاحيتن سان نوازيو ويو هو. هو هڪ سٺو شاعر ۽ نثرنويس هئڻ سان گڏوگڏ پنهنجي عملي زندگي ۾ هڪ سٺو انسان بہ هو. تنوير عباسي اڄ اسان وٽ جسماني طور موجود نہ آهي پر هو پنهنجي فن ۽ فڪر، سوچ ۽ لوچ، قول ۽ فعل ذريعي روحاني طور تي زنده آهي. تنوير عباسي گهڻ رُخي شخصيت جو مالڪ هو، جنهن لاءِ ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو لکي ٿو تہ :

”تنوير عباسيءَ جي شاعري 1950ع کان شروع ٿي. سندس واسطو ادبي سنگت ۽ ٻين ادبي انجمنن ۽ ادارن سان رهيو. ڪيترن ادارن جو ميمبر رهيو. سچل چيئر جو باني هو.ڪيس اعزاز مليا. شاهہ عبداللطيف ۽ ٻين موضوعن تي مقالا ۽ ڪتاب لکيائين. دنيا جا مُلڪ گهميو ۽ سفرناما لکيائين.“(1)

تنوير عباسي غزل، نظم، گيت، دوها، بيت، وايون ۽ هائيڪا لکي سنڌي ٻولي ۽ ادب کي سونپيا.

تنوير عباسيءَ جي شاعري ته آهي نرم ۽ نازڪ لهجي واري، منجهس سچي سڪ جي خوشبوءَ سمايل آهي، پنهنجو يا پرائو ان خوشبوءَ سان واسجي وڃي ٿو. سٺي شخصيت جو مالڪ هو ۽ تمام نرم طبيعت رکندڙ سدا بهار شخص هو. اهڙي خُوبي ۽ خصلت جي باري ۾ ڊاڪٽر نواز علي شوق لکيو آهي ته:

”ڏاڍو پيارو محبوب ۽ منٺڙو ماڻهو، جنهن جي سُهڻن چَپن تي سدائين من موهيندڙ مُرڪ هوندي هُئي، جنهن کي سنڌ ۽ سنڌ واسين سان اڻ مَيو پيار هو، جيڪو سينيءَ جو يار ۽ اکين ٺار مُحب ۽ مننار هو. ڇا ته سندس ماڻهن سان محبت هئي، جو هر ماڻهو کي موتي داڻو سمجهندو هو.“(2)

تنوير عباسي نوجوان اديبن ۽ شاعرن جي سکيا ۽ تربيت ۾ تمام گهڻي دلچسپي سان ڪم ڪندو هو، انهن جي همت ۽ حوصله افزائي ڪندو هو. خيرپور ۾ سندس ”سرمد جو گهر“ اهڙن نوجوان اديبن جي لاءِ ڄڻ ته ڪوئي ڪوچنگ سينٽر يا ادب جي اڪيڊميءَ جو ڪم ڏيندو هو. پنهنجي گهر تي مشاعرا ڪرائيندو هو. پنهنجي هڙان مهمان شاعرن جي خاطر تواضع ڪندو هو. خيرپور ۾ هونئن ته ڪانئن اچڻ کان اڳ ۾ ادبي ماحول ته ضرور موجود هيو پر سندس جو مستقل طور تي خيرپور ۾ اچڻ سان، نوجوان اديبن لاءِ ڄڻ ته ڪو مسيحا پهچي ويو. سندس گهر جا دروازا نوجوان اديبن لاءِ سدائين کليل هوندا هئا، خيرپور جي ادبي ماحول ۾ انقلاب اچي ويو. سچل جي سوانح ۽ ڪلام بابت گهڻو مواد گڏ ڪيائون. سچل چيئر يا سچل يادگاري ڪاميٽي ۾ بالترتيب ڊاريڪٽر ۽ سيڪريٽري طور ڪم ڪندي ادبي ڪانفرنسون منعقد ڪرايائون. سچل جي عُرس جي موقعي تي ٿيندڙ ادبي ڪانفرنسن ۾ پڙهيا ويندڙ مقالن لاءِهڪ تحقيقي جرنل”سرمست“ جو آغاز ڪيائون جيڪو اڄ تائين جاري ۽ ساري آهي.

شاهه لطيف جي شاعريءَ تي ٽن جلدن ۾ پنهنجي ماهراڻي ۽ فلسفياڻي انداز ۾ ڪتاب لکيائون ۽ شاهه لطيف جي شاعريءَ کي نئين ۽ جديد تحقيق جي اصولن موجب پرکڻ، سمجهڻ ۽ لکڻ جو آغاز ڪيائون. مختلف سنڌي شعراءَ جو ڪلام سهيڙي، ترتيب ڏئي ڇپرايائون.

پاڻ جيئن ته شاهه لطيف جي شاعريءَ جا وڏا پارکو هئا، ان سلسلي ۾ ڊاڪٽر فهميده حُسين ميمڻ لکي ٿي ته:

”سندس وفات کان اڳ اسان شاهه لطيف چيئر پاران ڪرايل سيمينار ۾ڪانئس خصوصي مقالو ڏياريو، عنوان هو ”شاهه لطيف ۽ ايڪيهين صدي“ ، انهي مقالي ۾ هن سنڌ جي ماضي، حال ۽ مستقبل جي شاهه صاحب جي ڪلام جي روشني ۾اهڙي ته تصوير پيش ڪئي جو سمورو حال پنڊپهڻ ٿي ويو ۽ سوالن جوابن جي وقت ڀرپور انداز ۾ بحث ٿيو جنهن ۾ ڊاڪٽر تنوير عباسي ثابت ڪيو هو ته هو نه صرف سٺو ليکڪ هو بلڪ بهترين مقرر به.“(3)

تنوير عباسي لاءِ قادر جي طرفان بي پناه صلاحيتون عطا ٿيل هيون. سٺو شاعر ۽ سٺو نثرنويس به هو. سندس سفرناما به گهڻو مشهور ٿيا، ايستائين جو سندس سفرنامي ”ڏوري ڏوري ڏيهه“ مان ڪجهه چونڊ ڪٽي سنڌ صوبي جي سرڪاري اسڪولن لاءِ سنڌي درسي ڪتاب ۾ شامل ڪيو ويو. سندس اها خُوبي هڪ وڏي نثر نويس هئڻ جي علامت کي ظاهر ڪري ٿي.

”سندس شاعري ۾ موسيقيت دل لُڀائيندڙ ۽ رس ۽ چس وارو آهي. تنوير 1950ع کان 1954 ع تائين روايتي فارسي زده ٻولي ۾ شاعري ڪئي.“(4)

پر تنوير کي جلدي احساس ٿي ويو ته سندس مزاج ۽ طبيعت لاءِ سنڌي شاعري ۾ فارسي واري ماحول کي نه بيان ڪيو وڃي ۽ پوءِ هتان جي پنهنجي مقامي منظرن کي ۽ ماحول کي پنهنجي شاعري ۾ آندائون. سندس شاعري ۾ موسيقيت ۽ ترنم دل لُڀائيندڙ آهي. هونئن به هر شاعر پنهنجي ٻولي، قوم ۽ ادب جو امين هوندو آهي ۽ هو اها امانت هڪ نسل کان ٻي نسل تائين پهچائيندو آهي. اهڙي طرح تنوير عباسيءَ جي شاعري مان معلوم ٿئي ٿو ته هو به سچوپڪو امين آهي ۽ پنهنجي

شاعري ذريعي سنڌ ۾ سنڌين جي مسئلن کي پوري عالم آڏو آندو. هن پوري پوري ڪوشش ڪئي آهي تہ جيئن اُهي مسئلا دنيا جي سامهون بيان ڪري حل ڪرائي سگهجن.

شاعر حساس طبيعت جو مالڪ ٿيندو آهي، ان ڪري سندس مشاهدي ۾ ايندڙ هر اهنج اذيت، ڏک تڪليف، حقن جو ڌاڙو، برائي، بدعنواني وغيره کي پنهنجي شاعري ۾ پيش ڪندو آهي. تنوير عباسي نوجوانن جو ترجمان شاعر بہ آهي. هو نوجوانن جي مسئلن کي پنهنجو مسئلو سمجهي پنهنجي شاعريءَ جو حصو بڻائي ٿو. سندن ٻُک ۾ بيروزگاريءَ کي بيان ٿو ڪري، ان کان علاوه سندس شاعري م وطن دوستي ۽ سنڌ دوستيءَ جو موضوع بہ گهڻو شامل آهي. سندس شاعري اهڙي قسم جي موضوعن سان واسطو رکي ٿي. هن مقالي ۾ سندس وطن دوستي واري فلسفي کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي.

تنوير عباسي سنڌ جي نوجوانن جي آئيندي لاءِ وڏو فڪر ڇڏي ويو آهي. هو سنڌ جي نوجوانن کي چوي ٿو تہ:

”جوت جلندي رهي _ لاٽ ٻرندي رهي

جي نٿا مچ مچائي سگهو دوستو _ چٽنگ چولي ۾ لڪائي هلو

روشني زندگي آ اها زندگي _ ڪنهن امانت جيان دل سان لڳائي هلو

نئين نسل جا نوجوان جي اوهان ڏانهن _ ايندا اميدن جا ڏيئا کڻي

تہ سا لاٽ ايندي ڪٿان جنهن منجهان هو_ڏيئا ٻاري ويندا اکين جا ڪٽي

جي هو پڇندا اها روشني سا امانت _ ڪٿي آ جا هوشو اسان لئہ ڇڏي

اوهان سر جهڪائي ڇڏيندءَ تہ پر_چا زبان سان بہ سگهندو اتي ڪجھ ڪچي

هيءَ امانت اٿو ساھ سان سانڍجو _ هيءَ امانت اٿو ساھ سان سانڍجو

جوت جلندي رهي _ لاٽ ٻرندي رهي“.(5)

سنڌ جو ڪيڏارو مان ڪجھ بند نموني طور هيٺ ڏجن ٿا:

”ٻاهر گُل گلاب جا من تن جو فولاد

سنڌڙيءَ جو اولاد، پرکي ڏسو ڪانئرو.

عنبر کان ۾ مشڪ کان سَرهو تن جو ساھ

محبت ۾ جڻ ماڪ سي نفرت ۾ آڙاھ

پڙڪڻ ۾ جڻ باھ مُرڪڻ ۾ موتئي مثل.

سنڌوءَ جي جائي ڦُليلي وهندي رهي

رت ٿيو ظاهر مُرڪ ۾ پل ۾ ويو وهي

ٻنين ريج ڏئي، سُک ڏئي ويو سنڌ کي.

هوشو هڪ هئو، هڪ هڪ هوشو آهي اڄ

مٿي مانُ لٿو ، سائي ٿي ڪُک سنڌ جي.“ (6)

شاعر پنهنجي ٻولي، ثقافت ۽ ديس سان پيار ڪندڙ هوندو آهي ۽ هو پنهنجي شاعريءَ جي ذات جي ذريعي ديس واسين کي ٻه ساڳئي سُڳنڌ سنگهائڻ جي ڪوشش ڪندو آهي. ديس سان محبت جي جذبي ۾اضافو آڻڻ لاءِ هو ديس جي ناليوارن سُورمن ۽ بهادرن جا، هوشو جهڙن سگهارن ۽ دلير جان نثار سپاهين جا، پهلوانن جا ۽ ٻين مثالي شخصيتن جا ڪردار بيان ڪندو آهي. ان کان علاوه ديس ڌرتيءَ جي مٽيءَ کي ميندي سان مشابهت ڏيندو آهي. سندس واس کي حِنا سان مشابهت ڏيندو آهي، مٽيءَ جي هر ٻوري ۽ پترکي سون برابر سمجهندو آهي. انُ ۽ اناج جي داڻي داڻي کي موتي ۽ هيري مثل سمجهندو آهي. سرسبز ۽ ذرخيز ٻنين جي منظرن کي جنت مثل سمجهندو آهي. درياهه جي پاڻيءَ کي کير ۽ ماکي سمجهندو آهي. مطلب ته پنهنجي ديس ۽ ڌرتيءَ جي محبت ۾ڪُنل هوندو آهي. اِهي سموريون ڳالهيون ۽ حقيقتون تنوير عباسي پنهنجي شاعريءَ جي نموني ۾ مٿئين ڏنل ڪيڏاري جي چوند مصراعن ۾ پيش ڪيون آهن.

تاريخ جي ڪتابن جو مطالعو ڪرڻ سان معلوم ٿيندو ته ڪيترن ئي سُورهين پنهنجي ديس ڌرتيءَ جي محبت ۾ پنهنجي سِر جو سانگو ٻه ناهي ڪيو. دشمن سان مفاهمت بدران مزاحمت جو عملي نمونو پيش ڪيو ۽ نتيجي ۾ جان جي قرباني سان گڏوگڏ پنهنجي پوري خاندان جي قرباني پيش ڪئي پر پنهنجي مادروطن جو وار ونگو ڪرڻ نه ڏنائون ۽ نه ئي برداشت ڪيائون. دودي سومري ۽ سندس خاندان جي پنهنجي وطن تان جان نثاريءَ جو شاندار مثال موجود آهي.

جڏهن لساني جهڳڙن جي آڙ ۾ سنڌ جي ثقافت جي امين، بين الاقوامي شُهرت يافته اداري، سنڌ الاجيءَ کي باهه لڳائي وئي، ساڙيو ويو، شايد دشمنن جي ذهن ۾ اهو هيو ته سنڌ الاجيءَ کي ساڙڻ سان، سنڌي ٻولي، ثقافت ۽ علم و ادب سڙي خاڪ ۽ رک ٿي ويندو ۽ سنڌ توڙي سنڌي هميشه جي لاءِ ختم ۽ ناس ٿي ويندا. پر ناپاڪ ارادو رکڻ وارن جي اِها وڏي ڀُل هئي. هن عمل سان ته سنڌين ۾ سنڌ لاءِ اجا ٻه وڌيڪ محبت ڀڙڪي جاڳي پئي. تنوير عباسي اِنهي ڏُکائتي منظر کي ٻه پنهنجي شاعريءَ جي ذات جي ذريعي عالم آشنا ٿو ڪرائي ته:

ڀڙڪي ڀڙڪي باهه،
مچ ٻري ۽ مُرڪي سنڌ.
دل دل ۾ دونهون دُکي،
اکڙين ۾ آڙاهه.
شُعلا شُعلا چوطرف،
روشن ٿي وئي راهه.
مچ ٻري ۽ مُرڪي سنڌ.
ڪوئلي ۾ سون جان،
سچ ٻه سڙندو آهه،
مچ ٻري ۽ مُرڪي سنڌ.
جي ٻه گهڙا ڀيلا هُئا،
پڪا ڪيا آڙاهه،
مچ ٻري ۽ مُرڪي سنڌ.
سنڌ الاجي ڇا سڙي،

چڻ روشن ٿي وئي راهه،

مچ ٻري ۽ مُرڪي سنڌ.(7)

سنڌي ۾ چَوڻي مشهور آهي تہ'جا دل تي سا چُلھ تي'۔ مطلب تہ جيڪا ڳالھ دل تي هوندي آهي، تنهن جو آثار ۽ اظهار ضرور ڪنهن نہ ڪنهن نموني ٿيندو آهي. ڪڏهن پيشانيءَ تي گھُنج تہ ڪڏهن چهري تي مُسڪراهٽ، اِهي علامتون ۽ آثار بالترتيب پريشاني ۽ خُوشيءَ جون آهن. هيءَ رَوِش تہ هر عام ماڻهو جي هوندي آهي. ماڻهو دل جو ڪيڏو بہ پڪو چو نہ هجي پر سندس جسم جا عضوا، دل جي ڳالھ ۽ پيڙاءُ جو اظهار ضرور ڪن. شاعر هوندن بہ تہ حساس هوندو آهي. هو ڪيئن پنهنجي يا پنهنجي ڌرتي واسيءَ جي ڏُک ۽ سُک کي لڪائي سگهندو، جيڪا ڳالھ سندس دل ۽ دماغ تي هوندي آهي تنهن کي هو شاعريءَ جي رُوپ ۾ ظاهر ضرور ڪري. هو پنهنجي ديس جي ماڻهن ۽ ديس جي منظرن کي پنهنجي شاعريءَ جي ذريعي بيان ڪري کين دائمي زندگي بخشي ڇڏي ٿو. جاگرافيائي حالتون بدلجنديون رهنديون آهن، اهڙين تبديلين سان ماڻهن ۽ مڪانن ۾ بہ تبديليون اٽل ٿر هونديون آهن. ڪڏهن ڪڏهن تہ اهڙن يادگارن جو وجود بہ نہ رهندو آهي، تنهنڪري شاعر اهڙن يادگارن کي قلم بند ڪري، تاريخ جي ورقن ۾ بند ڪري، تباهہ و برباد ٿيڻ کان بچائي ٿو وٺي. تنوير عباسي وٽ اهڙي قسم جي خيالن سان ڀريل گهڻي شاعري ملي ٿي. هو چئي ٿو تہ:

”سوکي منهنجي سِڪ

آڇيان وينو عام کي.

هر ماڻهو محبوب آ،

هِيءَ سانگين جي سِڪ

آڇيان وينو عام کي.

سَهسِين ماڻهو ديس جا،

آس تنين جي هڪ

آڇيان وينو عام کي.

هِيءَ امرت جي پيالڙي،

وِهہ دريا جي پِڪ

آڇيان وينو عام کي.

سنڌ سندي تنوير چئي،

مون کي آ جا سِڪ

آڇيان وينو عام کي.(8)

جڏهن ڪو مَٽيادار ماڻهو گذاري ويندو آهي تہ پويان سندس وارث، دوست و احباب، شاگرد، اوڙي پاڙي وارا، ڳوٺ يا شهر واسي يا ديس واسي سندس ياد ۾ عجيب قسم جا اظهار، احساس ۽ جذبا لفظن ۽ جملن جي صورت ۾ بيان ڪندا آهن. جيڪڏهن اهڙي من پسند ۽ گهڻگهري جي خُوبين مان ڪي خُوبيون ٻي ڪنهن شخص ۾ ڏسندا يا محسوس ڪندا آهن تہ اُن مهل سندن زبان تان الفاظ جاري ٿيندا آهن تہ ”فلاڻو شخص موٽي آيو آهي يا فلاڻي جي ياد تازه ڪرائي ڇڏيئہ.“

هوشو هڪ هيو ۽ گذاري ويو پر پنهنجي وطن تان بيمثال قربانيءَ جي ڪري پنهنجي پنيان ڪيترائي هوشو پيدا ڪري ويو. مطلب تہ هوشو جي وئي ڪانپوءِ سندس پنيان پين جوانن ۾هوشو جهڙيون خُوبيون ۽ صلاحيتون آهن. جنهنڪري هوشو جو جنم هَرهَر پيو ٿئي. سنڌ ۾ گهڻو ڪري اها روايت بہ ملي ٿي تہ جڏهن گهر جو ڪو وڏو يا وَڏِي هِيءُ جهان ڇڏي وڃي ٿو يا وڃي ٿي تہ سندس وارث، ان جي ياد ۾ پنهنجي گهر ۾نئين جنم وٺندڙ ٻار جو نالو، ان پنهنجي گذاري ويل وڏي يا وڏيءَ وارو رکن. نہ رڳو ايترو پر ان ٻار جو احترام ۽ خيال بہ اوترو ڪن، جيترو پنهنجي ان وڏي يا وڏيءَ جو ڪندا هئا. پيار مان ان ٻار جا ويجها رشتيدار ڪيس نالي بدران، ان وڏي يا وڏيءَ جي نسبت سان رشتي سان پُڪارين، جهڙوڪ: امان، ابا، ادا، ادي، ڏاڏا، ڏاڏي، نانا، ناني، ماما، وغيره.

تنوير عباسي وٽ بہ اهڙي قسم جي ڳالهہ ملي ٿي، هن وٽ سُورمن يا سُورمين جا ڪردار اَمر آهن، هَرهَرَ ديس تان قربان ٿيڻ بعد بہ هَرهَر جنم ٿا وٺن، هو چئي ٿو تہ:

عيسيٰ کي تو صليب تي چاڙهيو

پر عيسيٰ ڏس جيئرو آهي

منهنجي رُوپ ۾ آيو آهي

تو هوشو کي گولي هنئي پر

هوشو موٽي آيو آهي

تو هيمونءَ کي ڦاهي چاڙهيو

هيمونءَ اڃا بہ جيئرو آهي. (9)

ڌرتي ۽ ديس جا شيدائي، جڏهن پنهنجي مادر وطن سان محبت جو اظهار ڪن ٿا تہ وقت جا حڪمران ڪين اهو عمل ڪندي ڏسي برداشت ڪونہ ٿا ڪن، ڪنهن نہ ڪنهن بهاني اهڙن شيدائن کي جيل جي ڪوٺڙين ۾ قيد ڪرائي ڇڏين ۽ مٿن اهڙي جُرم ڪرڻ تي سخت تشدد بہ ڪن. تنوير عباسيءَ کي بہ جيل ۾ بند ڪيو ويو هو. اتي بہ هو پنهنجي ڌرتي ماءُ جي سيني تي ليٽي پئي ٿو. پنهنجي ڌرتي سان محبت جي اظهار کي هن طرح بيان ٿو ڪري تہ:

ڌرتي ماتا

پُختا ٿي ويا

تو سان ناتا.

تنهنجي ٿاڪ تي رات ڪٽي سين

تنهنجي مٽي نرڙ کي لاءِ

اوندهہ جي سڪرات ڪٽي سين

پنهنجي آتِي آتِي ڇاتي

تنهنجي ڇاتي ساڻ ملائي

تو کي ڏاڍو ڀاڪر پائي

سمهي پياسين درد دٻائي

جيئن ڪو ننڍڙو ننڍڙو ٻالڪ

ماءُ جي ڇاتيءَ ۾ منهن پنهنجو

ٻَو ڪان ڇڏيندو آهي لڪائي

اوندهه جي سڪرات هجي ٻَل

تنهنجي وائي هوندي وات

دل ۾ هوندو تنهنجو درد

تنهنجي سُورن جو سوغات

آهيون تو لئہ آتا

ڌرتي ماتا !

پختا ٿي ويا

تو سان ناتا.(10)

وطن سان محبت هئڻ ڪي ايمان جي نشاني سڏيو ويو آهي، دنيا جي هر دين ۾وطن سان محبت ڪرڻ جو درس مليل ٿو. دين اسلام ۾ بہ پنهنجي وطن جي دفاع خاطر پنهنجي جان قربان ڪندڙ کي شهيد سڏيو ويو آهي ۽ شهيد جو وڏو رُتبو ٻڌايو ويو آهي. تنوير عباسي بہ پنهنجي جيئڻ ۽ مرڻ جي مقصد کي سنڌ سان ئو لڳائي. هو بغير ڪنهن دير جي پنهنجي ديس تان قربان ٿيڻ جو ٻڌائي ٿو. هو چئي ٿو تہ:

تون جيئين جي تہ هِيءَ سنڌ

تو سان جيئي

تون مرين سنڌ جي لاءِ

تہ بہ هوءَ جيئي.

تون مرين شل انهي ڪان

اڳي مان مران

سنڌ جي نئين ٿَهي

لاءِ قربان ٿيان.

تون وڏين مان ٿران

مان مران تون جيئين. (11)

تنوير عباسي سنڌ سان سچي محبت جو ڪلمو پڙهي ڇڏيو آهي ۽ ان ڪلمي تان قربان ٿيڻ لاءِ بہ تيار نظر اچي ٿو، سندس اِها خواهش آهي تہ وطن ڌرتي تان قربان ٿيڻ سان هو سچو ۽ ايماندار ديشي ثابت ٿيندو. سنڌ جي سِڪ ۾ ڇِڪ ڪيس بيحد گهٽي اٿس ۽ انهي ڪيفيت ۾ موت جو مزو وٺڻ لاءِ بہ تيار نظر اچي ٿو. هو چئي ٿو تہ:

تو مٿان ڪلمو پڙهي تو تي ئي شل ساهه ڏيان

سنڌ مان تنھنجي مٽيءَ سان ملي ھڪ ٿي وڃان

سِڪ ۾ تنھنجي مران شال مان مومن ٿي مران

واٽ ۾ تنھنجي مران شال مان مومن ٿي مران. (12)

تنوير عباسي پنھنجي شاعريءَ جي ذات ذريعي سنڌ جي ۽ سنڌين جي تقدير بدلائڻ جو خواھشمند آھي. ڪيس ھٿ ۾ وڏو ھٿيار ”قلم“ جو آھي، جنھن سان ھو ظلم و ستم جي محاذ کي فتح ڪرڻ ٿو چاھي. ھو چئي ٿو تہ:

روز ھڪڙي نئين جفا آھي

روز ھڪڙو نئون ستم آھي

سنڌ م نيٺ انقلاب ايندو

منھنجي ھٿ ۾ اجا قلم آھي.(13)

تنوير عباسي پنھنجي ديس جي نوجوانن کي ھوشو جو پيغام ۽ سلام ٿو پھچائي. تمام سھڻي نموني تخيل کي پيش ڪيو اٿس، سندس ان خواب مان ڪجھ مصراعون ھتي بيان ڪجن ٿيون:

رات مون کي خواب ۾ ھوشو ڏنو ھڪڙو پيام

سنڌ وارن کي ڏجان، منھنجا ڳٽي سَو سَو سلام.

پنھنجي جيئري سنڌ کي محفوظ ڌارين کان رکيم

انت ۾ پنھنجي حياتي سنڌ تان صدقي ڪيم

نوجوانن کي وڃي شاعر اھو پيغام ڏي

ڪين پيارو ڪن وطن کان ڪڏھين پنھنجي ساھ کي.(14)

ھِيءُ جھان فاني آھي ۽ ھر ڪنھن کي ھيءُ جھان ڇڏي وڃڻو آھي.مَرڻو تہ ھر ڪنھن کي آھي پر تنوير پنھنجي موت کي يادگار ۽ مانُ وارو بڻائڻ ٿو چاھي، سندس اھا خواھش آھي تہ ھو پنھنجي جان سنڌ تان قربان ڪندي ۽ مانُ مرتبي وارو موت حاصل ڪري، ھو چئي ٿو تہ:

آھي انھي ۾ مانُ جي سنڌ تان سر فدا ڪريان

ان کان مٽي جي مرتبو مون کي ڪپي تہ ڇا ڪريان.(15)

**نتيجا:**

- شاعر وطن ، ٻولي ۽ قوم جا ترجمان ھوندا آھن.
- شاعر پنھنجي شاعري ذريعي پنھنجي ديس، ٻولي ۽ قوم جي ناماچاري ۾ پنھنجو اھم ڪردار نڀائيندا آھن.
- تنويرعباسي پنھنجي مادري ٻولي يعني سنڌي ٻوليءَ جو نمائنده شاعر آھي.
- تنوير عباسي پنھنجي ديس جي ڌرتي سان خُوب پيار ڪندڙ آھي.
- تنوير عباسي پنھنجي ديس جي بھادرن جي ڪردارن کي ساراھيندڙ آھي.
- تنوير عباسي پنھنجي ديس جي نوجوانن کي پنھنجي ديس تان قربان ٿيڻ لاءِ

- هميشہ تيار رهڻ جي صلاح ڏئي ٿو.
- پنهنجي نوجوانن کي پنهنجي ديس جي ڌرتيءَ جي چَپي چَپي جي حفاظت ڪرڻ جي لاءِ سُجاڳي ڏياري ٿو.
- هو پنهنجي هر نوجوان کي هوشو وانگر بهادر ۽ جان نثار ڏسڻ چاهي ٿو.

## حوالا


1. جوڻيجو، عبدالجبار، ڊاڪٽر، ’سنڌي ادب جي تاريخ‘ (جلد ٻيو)، سنڌي لئنگويج اٿارٽي، حيدرآباد، 2005ع، ص: 569.
2. شوق، نواز علي، ڊاڪٽر، مضمون: ’جهُڙ جيئن نين جهُمن‘، ﭘﭥائي 7، ڊاڪٽر تنوير عباسي نمبر، سنڌي شعبو، شاهه عبداللطيف يونيورسٽي، خيرپور ميرس، ڊسمبر 2002ع، ص: 17-22 .
3. حسين، فهميده، ڊاڪٽر، مضمون: ’تنوير عباسي هڪ نقاد هڪ محقق‘، ﭘﭥائي 7، ڊاڪٽر تنوير عباسي نمبر، سنڌي شعبو، شاهه عبداللطيف يونيورسٽي، خيرپور ميرس، ڊسمبر 2002ع، ص: 23-28.
4. امداد، سحر، مضمون: ’تنوير عباسيءَ جي پنهنجي اصل ڏانهن مراجعت‘، ڪينجهر 4. سنڌي شعبو، سنڌ يونيورسٽي، ڄامشورو.
5. ملاح، مختيار احمد، ’سنڌي ادب جي تاريخ جو جديد مطالعو‘، ڪاٺياواڙ اسٽورز، ڪراچي، 2006ع، ص: 390-391.
6. عباسي، تنوير، ’تنوير چئي‘، انسٽيٽيوٽ آف سنڌ الاجي، سنڌ يونيورسٽي، ڄامشورو، 1989ع، ص: 279.
7. ساڳيو، ص: 333.
8. ساڳيو، ص: 342.
9. ساڳيو، ص: 365.
10. ساڳيو، ص: 444.
11. ساڳيو، ص: 523.
12. ساڳيو، ص: 530.
13. ساڳيو، ص: 44.
14. ساڳيو، ص: 182.
15. ساڳيو، ص: 192.